# اعليٰ حضرت ۽ علمِ حديث

**30-September-2021**




هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنَّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

30 سيپٽمبر 2021 تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# اعليٰ حضرت ۽ عِلمِ حديث

هن بيان ۾ اوهان هيء ڄاڻ حاصل ڪندؤ

✿... پيڙي ڪناري ڪيئن لڳي... ؟ (ڪرامتِ اعليٰ حضرت)

✿...اعليٰ حضرت ۽ عِلمِ حديث ۾ علمي ۽ فني مهارت

✿...احاديث پڙهڻ، ياد ڪرڻ ۾ اعليٰ حضرت جو انداز

✿...فرامينِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي ڪامِل يقين

پيشڪش
مجلس اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيه (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)
(شعبہ بيا ناتِ دعوتِ اسلامي)
ترجمو
ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله
اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

**پيارا اسلامي ڀائرو!** مسجد ۾ اچڻ ثواب جو ڪم آهي، جڏهن ته مسجد ۾ حاضري جي سعادت ملي، ياد ڪري اعتڪاف جي نيت به ڪري ونو! اِنْ شَآءَ الله! جيستائين مسجد ۾ رهندؤ، نفلي اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو، شرعي مسئلو ذهن ۾ رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ، سحري افطاري ڪرڻ، دَم ڪيل پاڻي پيئڻ وغيره جائز ناهي، اعتڪاف جي نيت ڪندا ته ضمناً اهي شيون به جائِز ٿي وينديون.

## درودِ پاڪ جي فضيلت

شهنشاهِ مدينہ، قرارِ سينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو، جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ رهندو، ملائڪ ان شخص جي لاءِ بخشش جي دُعا گهرندا رهندا.[1]

عجب کرم ہے کہ خود مُجرِموں کے حامی گناہ گاروں کی بخشش کرانے آئے ہیں

[1]...معجم اَوْسط، جلد:1، صفحہ:497، حديث:1835۔

وہ پرچہ جس میں لکھا تھا درود اس نے کبھی     یہ اس سے نیکیاں اس کی بڑھانے آئے ہیں[1]

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب!     صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَفْضَلُ الْعَمَلِ اَلنِّيَّةُ الصَّادِقَةُ سچي نيت اَفضَل تَرين عَمل آهي.[2]

**اي عاشقانِ رسول!** هر جائز ڪم کان پهريان سنيون نيتون ڪرڻ جي عادت بنائڻ گهرجي، ڇوته سٺي نيت انسان کي جنّت ۾ داخِل ڪرائيندي آهي. بيان ٻڌڻ کان پهريان به سنيون سنيون نيتون ڪري وٺو! مثال طور نيت ڪريو! ❖ عِلْم دين سکڻ جي لاءِ سڄو بيان ٻڌندس ❖ اَدَب سان ويهندس ❖ بيان دوران سُستي کان بچندس ❖ پنهنجي اِصلاح جي لاءِ بيان ٻُڌندس ❖ جيڪو ٻُڌندس، اهو ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب!     صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## ٻيڙي ڪناري ڪيئن لڳي...؟ (ڪرامتِ اعليٰ حضرت)

صَدرُ الشَّرِيعَہ مفتي محمد اَمجَد علي اَعظمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جيڪي بهارِ شريعت جا مُصَنّف آهن، ان جو بيان آهي ته هڪ ڏينهن اسان بارگاهِ اعليٰ حضرت ۾ حاضِر هئاسين ۽ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان حديثِ پاڪ جو دَرس وٺي رهيا هئاسين .

سُبحٰنَ الله! ڪيڏو علمي، ذوق و شوق وارو، عشقِ رسول وارو ماحول

---

1... سامانِ بخشش، صفحہ:93-94 ملتقطاً۔

2...جامع صغير، صفحہ:81، حديث:1284۔

هوندو جو دَرسِ حديث ڏيڻ وارا **اعليٰ حضرت امام اهلسنت** رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه آهن ۽ دَرس ٻڌڻ وارا ڪير آهن؟ ماهر عالِمِ دِين مفتي اَمجد علي اعظمي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه ۽ ان جا ٻيا ساٿي. سيدي اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي عادتِ ڪريمه هئي ته پاڻ حديث شريف پڙهائڻ مهل ڪنهن پاسي توجه نه ڪندا هئا، وڏي ڌيان سان باوُضُو، باادب ويهي، حديثِ پاڪ جي اهميت دِل ۾ رکي، محبت ۽ شوق سان حديثِ پاڪ پڙهائيندا هئا. مفتي اَمجَد علي اعظمي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جو بيان آهي: اڄ (جڏهن اسان اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه کان درسِ حديث وٺي رهيا هئاسين ته وڏو عجيب مُعَامَلو ٿيو:) اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه عادَت جي خلاف درسِ حديث جي دوران مَسنَد شريف تان اٿيا ۽ ٻاهر نڪري ڪيڏانهن ويا، 15 منٽ کان بعد واپس موٽيا ته چهري تي پريشاني جا آثار هئا، هيئن لڳي رهيو هو جيئن ڪنهن وڏي سوچ ۾ آهن. وڌيڪ حيرت جي اها ڳالهه هئي ته اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جا هٿ ۽ آستين (يعني ٻاڙُو) پاڻي سان پسيل هئا، مون کي (يعني مفتي امجد علي اعظمي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه کي) فرمايائون: ٻيو خشڪ ڪرتو ڪڍي اچو!

صَدرُ الشَّرِيعَه مفتي امجد علي اعظمي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه حيران هئا ته آخِر ڳالهه ڇا آهي؟ پر ظاهر آهي اعليٰ حضرت آهن، صَدرُ الشَّرِيعَه جا استاد به آهن، صَدرُ الشَّرِيعَه جا پِير به آهن، صَدرُ الشَّرِيعَه رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جو ڪمال ادب ڪندا هئا، ان ڪري پڇڻ جي همت نه ٿي. بهرحال! پاڻ جلدي وڃي، خشڪ ڪرتو آڻي حاضِر ڪيو، اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه ڪرتو پائي ٻيهر حديثِ پاڪ پڙهائڻ شروع ڪيائون.

صَدرُ الشَّرِيعَه رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: ان عجيب ڳالهه سبب مون کي اندر ئي اندر ۾ حيرت ٿي رهي هئي، ان ڪري مون اهو ڏينهن، تاريخ ۽ وقت لکي ورتو. ان واقعي جي ٺيڪ 11 ڏينهن بعد ڪجھ ماڻهو آيا، انهن وٽ تحفا سوکڙيون هيون، اهي اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي بارگاهه ۾ حاضِر ٿيا، تفحا پيش ڪيا، اهي ماڻهو ڪجھ دير ترسيا پوءِ واپس موٽڻ لڳا، ته مون انهن کان حال

احوال ڪيو تہ ڪٿي جا رهڻ وارا آهيو؟ هينئر ڪٿان ڪان اچو پيا ۽ ڪهڙو ڪم هو؟ وغيره ائين انهن ڪان سوال ڪيم تہ انهن ماڻهن ٻڌايو تہ اسان فلاڻي تاريخ تي ٻيڙي ۾ سفر ڪري رهيا هئاسين، اوچتو تيز هوائون هلڻ لڳيون، ان سبب درياءُ جون ڇوليون وڌڻ لڳيون، اسان جي ٻيڙي هيٺ مٿي ٿيڻ لڳي، قريب هو تہ ٻيڙي ڪلٽي ٿي وڃي ۽ اسان ٻڏي مري وڃون، ان وقت اسان سيني اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللہِ عَلَيْہ جي وسيلي سان الله پاڪ جي بارگاھ ۾ دعا گهري: ياالله پاڪ! اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللہِ عَلَيْہ جي صَدقي اسان کي طُوفان کان نجات عطا فرما. ان سان گڏ سان باس باسي.

بَس دُعا گهرڻ جي دَير هئي، اسان تي ڪرم ٿيو، اوچتو هڪ شخص ظاهر ٿيو، ان ڪشتي کي ڇڪي ڪناري وٽ پهچائي ڇڏيو. الحمد لله! اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللہِ عَلَيْہ جي وسيلي سان الله پاڪ اسان کي ٻڏڻ کان بچائي ورتو. اها جيڪا اسان باس باسي هئي، اها باس پُوري ڪرڻ جي لاءِ حاضِر ٿيا هئاسين.[1]

تيرا اُونچا مرتبہ ہے اے امام احمد رضا    مصطفٰے کی تُو عطا ہے اے امام احمد رضا
کیوں کریں نہ ذِکر تیرا حشر تک پیارے بھلا؟    تُو تَو رحمت کی رِضا ہے اے امام احمد رضا
سُنّیوں کو خوف کیونکر ہو بھلا مَنجدھار سے    جبکہ تُو ہی ناخُدا ہے اے امام احمد رضا

**وضاحت**: مَنجدهار يعني دريا جي وچ ۾ جتي پاڻي گهٽو تيز ۽ گِهرو هوندو آهي ۽ ناخُدا جي معني آهي: ٻيڙي هلائيندڙ. شعر جو مطلب اهو آهي تہ اي اسان جا پيارا امام، امام احمد رضان خان رَحْمَةُ اللہِ عَلَيْہ! اسان عاشِقانِ رسول کي دريا ۾ ٻڏڻ جو خطرو ڪيئن ٿي سگهي ٿو؟ جوتہ اسان جي ٻيڙي جي نگهباني اوهان جهڙا عَظِيمُ الشَّان رهنما ڪري رهيا آهن.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب!    صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1]...حياتِ اعلیٰ حضرت، جلد:3، صفحہ:255۔

**پيارا اسلامي ڀائرو!** 25 صَفَرُ المُظَفَّر جي آمد آمد آهي، عاشِقن جي امام، عاشقن جي جان، مان، شان، عاشقانِ رسول جي سڃاڻپ، اعليٰ حضرت امامِ اهلسنت شاهه امام احمد رضا خان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جو يومِ عُرس اچڻ وارو آهي. الحمد لله! سڄي دُنيا ۾ عاشقانِ رسول ذوق شوق سان، ڌوم ڌام سان اعليٰ حضرت رَحۡمَةُاللهِ عَلَيۡه جو عرسِ پاڪ ملهائيندا آهن.

حاضِری احمد رضا کے دَر کی جا کیجئے! عاشقو! خوشیاں دِلانے عُرسِ رضوی آ گیا
عاشقانِ مصطفےٰ تم ناز قسمت پر کرو بختِ خوابِیدہ جگانے عُرسِ رضوی آگیا

عُرسِ اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي مناسبت سان اڄ اسان اِن شَآءَ الله الكريم! اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جو تذڪرو ڪرڻ ٻڌڻ جي سعادت حاصِل ڪنداسين. اڄ جي بيان جو موضوع آهي: **اعليٰ حضرت ۽ عِلمِ حديث.**

## حَدِيث ڇا کي چئبو آهي...؟

بنيادي طَور تي اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مبارڪ زبان مان ادا ٿيندڙ لفظن کي، رسولِ پاڪ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي پاڪيزه افعال ۽ مبارڪ اَحوال کي حديث چيو ويندو آهي. البت ڪڏهن ڪڏهن صحابهٔ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان ۽ تابِعِين (يعني حالتِ ايمان ۾ صحابهٔ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جي زيارت ڪندڙ خوش نصيبن) جي فرمانن کي بہ حديث چيو ويندو آهي. حديثِ پاڪ جو باقاعِدَه عِلم آهي، ان کي سکيو ويندو آهي، مَدرسن ۾ پڙهيو ويندو آهي، پڙهايو ويندو آهي، اسان جي آقا اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنت شاهه امام احمد رضا خان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه کي حديثون پڙهڻ جو ڪيترو شوق هو؟ پاڻ حديثن سمجهڻ، حديثن مان مسئلا ڳولهڻ ۾ ڪيتري مهارت رکندا هئا؟ ۽ اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه بين تائين حديث پهچائڻ جو ڪيترو ذوق و شوق رکندا هئا؟ هن باري ۾ اڄ

اسان ڪجھ مدني گل ٻڌڻ ۽ سمجھڻ جي سَعَادت حاصِل ڪنداسين.

## عِلمِ حديث بابت هڪ وضاحت

اَصل مَوضُوع تي گفتگو کان پهريان اهو مدني گل پنهنجي دِل جي مدني گلدستي ۾ سجائي ونو ته ❖ دِيني عُلُوم ۾ قرآنِ ڪريم کان بعد سڀ کان وڌو، سڀ کان اَهم ۽ سڀ کان اَفضَل عِلم **عِلمِ حديث آهي**، جيڪو عالِمِ دِين آهي، جيڪو مفتي آهي، جيڪو اسلام جي باري ۾ ڪنهن قسم جي تحقيق ڪرڻ چاهي ٿو، ان جي لاءِ لازِم ۽ ضروري آهي ته هو قرآنِ ڪريم جو بہ عِلم رکندو هجي ۽ ڪنهن ماهر عاشِقِ رَسُول عالِمِ دِين کان باقاعِدَه حديثِ پاڪ جو بہ عِلم حاصِل ڪري چڪو هجي ❖ اللّٰہ پاڪ اسان جي آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي اهو شان عطا فرمايو آهي جو رسول اڪرم صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مبارڪ زبان مان نڪتل هڪ هڪ اکر، هڪ هڪ لفظ، هڪ هڪ جملو عِلم و حڪمت جو گهرو سمندُ آهي. زبانِ مصطفيٰ اها مبارڪ زبان آهي جو ان زبان مان جيڪو ڪجھ ادا ٿئي ٿو، اهو صِرف حق، حق ۽ حق ئي هوندو آهي، حق جي علاوه ان مبارڪ زبان مان ڪڏهن بيو ڪجھ ادا ناهي ٿيو. اللّٰہ پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

وَمَا یَنۡطِقُ عَنِ الۡهَوٰی ؕ﴿۳﴾ اِنۡ هُوَ اِلَّا وَحۡیٌ یُّوۡحٰی ﴿۴﴾

(پاره27،سورةالنجم:3تا4)

**ترجمو ڪنزالعرفان:** ۽ اهو ڪا ڳالهہ پنهنجي خواهش سان نٿو چوي. اها وحي ئي هوندي آهي جيڪا ان ڏي ڪئي ويندي آهي.

هن آيت سڄوري جي مفهوم کي اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُاللّٰہِعَلَیۡہِ هيئن بيان ڪيو آهي:

وه دہن جس کی ہر بات وحیِٔ خُدا چشمۂ علم و حکمت پہ لاکھوں سلام [1]

**وضاحت:** يعني اهو پاڪيزه ۽ مبارڪ وات جنهن مان نڪرڻ واري هر ڳالهه وَحي هوندي آهي، عِلم و حڪمت جي ان چشمي تي لکين سلام هجن.

❖ عاشقانِ رسول عالم سڄورا عِلمِ حديث سکڻ ۾ هڪ عشق جي پهلو وارو لحاظ به رکن ٿا، اهو هي ته حديثِ پاڪ اسان جي محبوب آقا، سرورِ انبيا صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مبارڪ زبان مان نڪرندڙ الفاظ آهن، هي اهي لفظ آهن جن ۾ مصطفيٰ جي مبارڪ وات جي مهڪ آهي، هي اهي لفظ آهن جن ۾ زبانِ مصطفيٰ جي چاشني رچيل آهي، هي اهي لفظ آهن جيڪي اسان کي جانِ ڪائنات، فخرِ موجودات صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي اندازِ گفتگو جي ياد ڏيارين ٿا.

لهٰذا عاشقانِ رسول عالم سڄورا پنهنجي سيني کي يادِ مصطفيٰ سان آباد ڪرڻ جي لاءِ، عِشقِ رسول ۾ اضافي جي لاءِ شوق و ذوق سان عِلمِ حديث سکن به ٿا ۽ ان کي اڳتي پکيڙين به ٿا.

هن حوالي سان جڏهن اسان اعليٰ حضرت امام اهلسنت رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہِ جي شخصيت کي ڏسون ٿا ته اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہِ ماهر تَرين مفتي به آهن، بي مثال عالِمِ دين به آهن ۽ پاڻ صِرف عاشِقِ رسول نه بلڪ عاشِقانِ رسول جا امام آهن، ان ڪري اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہِ جو **اعليٰ حضرت** هئڻ ئي هن ڳالهه جي تقاضا ڪري ٿو ته ڪين عِلمِ حديث ۾ ڪمال مهارت رکڻ وارا هجن. ان ڪري جڏهن اسان سيرتِ اعليٰ حضرت پڙهون ٿا ته اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہِ واقعي حديث جا وڏا ماهر عالم نظر اچن ٿا.

علم کا چشمہ ہوا ہے موجزن تحریر میں جب قلم تُو نے اٹھایا اے امام احمد رضا

[1] ...حدائقِ بخشش، صفحہ:302۔

حَشر تک جاری رہے گا فیض مرشد آپ کا　　فیض کا دریا بہایا اے امام احمد رضا
اے امامِ اہلسنت نائبِ شاہِ اُمم　　کیجئے ہم پر بھی سایہ اے امام احمد رضا[1]

## سيرتِ اعليٰ حضرت ۽ عِلمِ حديث جا ٽي پهلو

جيڪر اسان هن موضوع تي غور ڪيون ته اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه عِلمِ حديث ۾ ڪيتري مهارت رکندا هئا ته بنيادي طور تي سيرتِ اعليٰ حضرت جا 3 پهلو اسان جي سامهون اچن ٿا:

(1): علمي ۽ فَنّي اعتبار سان اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه کي عِلمِ حديث ۾ ڪيتري مهارت هئيٰ؟ يعني حديثِ پاڪ جا جيڪا درجا آهن، حديثِ پاڪ جون مختلف قسمون عالم سڳورن مقرر ڪيون آهن، انهن درجات ۽ قسمن کي سمجهڻ ۾، حديثِ پاڪ جي معني ۽ مفهوم سمجهڻ ۾، حديثِ پاڪ مان عِلم جون ڳالهيون ڪڍڻ ۾ اعليٰ حضرت رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه کي ڪيتري مهارت هئي؟

(2): حديثون پڙهڻ ۾، حديثون ياد ڪرڻ، ياد رکڻ ۽ بين تائين پهچائڻ ۾ اعليٰ حضرت رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه جو انداز ڪهڙو هو؟

(3): ۽ ٽيون پهلو اهو ته پنهنجي آقا و موليٰ، مُحَمَّدِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي حديثن تي عمل ڪرڻ ۾ اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جو انداز ڪهڙو هو؟ اچو! انهن ٽنهي پهلوئن کي سامهون رکي اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي سيرتِ پاڪ ٻڌون ٿا.

## (1): عِلمِ حديث ۾ علمي و فني مهارت

اهي عالم سڳورا جن باقاعِدَه عِلمِ حديث کي سکيو، حديثن کي سمجهيو،

---

[1] ...وسائل بخشش، صفحہ:525۔

ياد ڪيو ۽ هن ۾ مهارت حاصِل ڪئي، انهن عالم سڳورن جا مختلف طبقا ۽ درجا آهن، ڪنهن کي **مُحَدِّث** چيو ويندو آهي، ڪنهن کي **حافِظُ الحديث** چئبو آهي، ڪنهن کي **حُجَّت** چيو ويندو آهي، ڪي **شيخ الحديث** هوندا آهن. اهڙي طرح حديثِ پاڪ جي عالمن جو هڪ درجو آهي: اَمِيرُ المُؤمِنِين فِي الحَدِيث. عِلمِ حديث جو اهو عالِم جيڪو پنهنجي زماني جي سمورن عالم سڳورن ۾ سڀ کان وڌيڪ حديثِ پاڪ جو ماهر هجي، ان کي اَمِيرُ المؤمِنِين فِي الحَدِيث چيو ويندو آهي. الحمد لله! اسان جا آقا، اعليٰ حضرت امامِ اهلسنت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جهڙي طرح پنهنجي زماني جا سڀ کان وڏا مفتي آهن، سڀ کان وڏا مُفَسّر آهن، وڏي رُتبي وارا صُوفي آهن، اعليٰ درجي جا سائنس دان آهن، زبردست رياضي دان آهن، اهڙي طرح عِلمِ حديث جي مُعَاملي ۾ پاڻ اَمِيرُ المُؤمنين فِي الحَدِيث آهن.

## مُحَدِّث وَصِي احمد سُورتي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو فرمان

سيدي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي مبارڪ دور جو هڪ تمام وڏو **مُحَدِّث** آهي: عَلَّامہ وَصِي احمد سُورتي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه. هو اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو دوست بہ هو، وَصِي احمد سُورتي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه 40 سالن تائين حديثِ پاڪ جي خِدمت ڪئي ۽ حديثِ پاڪ جي سڀ کان معتبر ڪتاب بخاري شريف ڪين زباني ياد هئي، ايترا وڏا مُحَدِّث هئا.

**مُحَدِّث** وَصِي احمد سُورتي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جا هڪ شاگر سيد محمد اشرفي ميان جيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه نالي آهن، هو پاڻ بہ بعد ۾ تمام وڏا مُحَدّث ٿيا ۽ مُحَدِّث اعظم هند جي نالي سان مشهور ٿيا.

هڪ ڀيري مُحَدّثِ اعظم هند سيد محمد اشرفي ميان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي استادِ محترم مُحَدّث وَصِي احمد سُورتي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي خِدمت ۾ حاضِر ٿي سُوال ڪيائون: عالي جاه! اوهان اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو ذِڪر

تمام گهڻو ڪندا آهيو، ان جو ڇا سبب آهي؟ شاگرد جو اهو سُوال ٻڌي مُحَدّث وَصِي احمد سُورتي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَيۡه جي اکين ۾ لڙڪ اچي ويا ۽ جوشِ عقيدت ۾ تڙپي فرمايائون: مان ۽ منهنجو خاندان الحمد لله! پهريان کان مسلمان آهيون پر جڏهن کان مان اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَيۡه سان ملڻ لڳو آهيان، مون کي ايمان جي حَلَاوت ملي وئي آهي، بَس جن جي صدقي ايمان جي حَلَاوت نصيب ٿي آهي، ان جي ياد سان پنهنجي دِل کي سڪون ڏيندو رهان ٿو.

سُبحٰنَ الله! مُحَدّث وَصِي احمد سُورتي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَيۡه جي اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَيۡه سان عقيدت ڏسو ۽ سندن لفظن تي ٿورو غور ڪيو! وقت جو هڪ تمام وڏو عالِم، جن 40 سال عِلمِ حديث جي خِدمت ڪئي آهي، جن کي ڪوڙ ساريون حديثون زباني ياد آهن، هو اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَيۡه جي باري ۾ فرمائي رهيو آهي تہ مون کي ايمان جي حلاوت (يعني مٺاس) اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَيۡه جي صحبت سبب نصيب ٿي آهي، لهٰذا مان اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَيۡه جي ذِڪر سان پنهنجي دِل کي سڪون ڏيندو آهيان.

مُحَدّث اعظم هند سيد محمد اشرفي ميان رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: استادِ محترم مُحَدّث وَصِي احمد سُورتي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَيۡه جو اهو ايمان افروز جواب ٻڌي مون عرض ڪيو: عالي جاه! ڇا اعليٰ حضرت عِلمِ حديث ۾ اوهان جي برابر آهن؟ مُحَدّث وَصِي احمد سُورتي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَيۡه هڪدم فرمايائون: هر گز نہ. پوءِ فرمايائون: شهزادا! اوهان ڪجهہ سمجهيؤ تہ هن **هرگز نه** جو ڇا مطلب آهي؟ ٻڌو! اعليٰ حضرت اَمِيرُ المُؤمِنِين فِي الحَدِيث آهن، جيڪڏهن مان ڪيئي سال تائين اعليٰ حضرت وٽان عِلمِ حديث سکندو رهان، سندن شاگردي اختيار ڪيان، تڏهن بہ مان سندن قدمن جي برابر نٿو پهچي سگهان.(1)

---

[1]…ماہنامہ المیزان بمبئی، صفحہ:247۔

تو محدث تو محقق تو مجدد لا جواب — اہلسنت کی اماں اے کُشتَۂِ عِشقِ رسول

**وضاحت:**اي اسان جا اعليٰ حضرت! اي وڏي رُتبي وارا عاشِقِ رسول! اوهان مُحَدّث بہ آهيو، اوهان مُحقق بہ آهيو، اوهان لاجواب مُجَدّد بہ آهيون ۽ اوهان ئي جي در تي اهلسنت کي پناهہ نصيب تي.

## ماهرِينِ عِلمِ حديث جي لاءِ اجازتِ سَنَد

عِلمِ حديث جو هڪ قاعِدو آهي تہ مُحَدّث سڳورا پنهنجن شاگردن کي يا جن وٽ حديثِ پاڪ بيان ڪن، اُنهن کي سَنَدِ حديث جي اجازت ڏيندا آهن ۽ اهو اُصُول آهي تہ جنهن کي اها اجازت حاصِل نہ هجي، اهو ان حديثِ پاڪ کي پنهنجي سَنَد سان بيان نٿو ڪري سگهي. اها هڪ اُصُول جي ڳالهہ آهي ۽ ان اُصُول بابت تفصيل آهي، جن کي عالم سڳورا چڱي طرح سمجهن ٿا.

ٻي حج جي موقعي تي جڏهن اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه مڪہ مڪرمہ حاضِر ٿيا تہ پاڻ کي خبر هئي تہ حج جي موقعي تي دُنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ مان مسلمان ايندا آهن، عالم سڳورن جو بہ هڪ وڏو اِجتماع ٿيندو آهي. جڏهن اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه حج جي لاءِ ويا، ان وقت بہ مِصر کان، شام کان ۽ ڪيئي ملڪن کان عالم سڳورا حج جي لاءِ آيل هئا.

الحمد للّٰه! اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه کي اللّٰه پاڪ شُهرت عطا فرمائي آهي، جڏهن انهن عالم سڳورن کي خبر پئي تہ اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنت، شاهہ امام احمد رضا خان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه آيل آهن تہ اهي عالم سڳورا جُوق دَر جُوق اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي بارگاهہ ۾ حاضر ٿيڻ لڳا، انهن مان ڪيئي عالم اهي هئا جن اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه کان عِلمِ دِين جا بعض مشڪل مسئلا سمجهيا، ڪيئي اهي هئا جن بعض عُلُوم حاصِل ڪيا ۽ اُن وقت جي وڏن وڏن مُحَدّثِن جو هڪ تعداد هو

جن ان موقعي تي باقاعِده اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان حديثِ پاڪ جون سَندون پڻ حاصل ڪيون.

اي عاشقانِ رسول! اندازو لڳايو! عَرَب جا وڏا وڏا عالم، مُحدّث اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان حديثِ پاڪ جون اجازتون حاصِل ڪري رهيا آهن، جڏهن اهي وڏا وڏا مُحَدّث زبانِ حال سان اهو اعلان ڪري رهيا هئا تہ اڄ جي دَور ۾ اها عَظِيم هستيَ جن کي اَمِيرُ المُؤمِنِين فِي الحَدِيث جو لقب ڏئي سگهجي ٿو، اهي اعليٰ حضرت، امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه آهن.

حَرَم والوں نے مانا تم کو اپنا قبلہ وکعبہ    جو قبلہ اہلِ قبلہ کا ہے وہ قبلہ نُما تم ہو

**وضاحت**: ”قبلہ نُما“ يعني قبلي جو طرف معلوم ڪرڻ وارو آلو. ان کي ڪمپاس بہ چئبو آهي. مطلب اهو آهي تہ اي اسان جا آقا اعليٰ حضرت! اوهان کي مڪي ۽ مديني جي عاشقانِ رسول عالمن، وڏن وڏن مفتي سڳورن پڻ پنهنجو قبلو ۽ ڪعبو مڃيو آهي، اوهان اهي آهيو جو اوهان جي برڪت سان مسلمان پنهنجو قبلو دُرُست ڪن ٿا يعني پنهنجي عقيدن، عملن ۾ اوهان جي رهنمائي تي هلن ٿا.

## پيلي ڀيت ۾ ٽن ڪلاڪن جو بيان

1303 هجري ۾ مُحَدّث وَصِي اَحمَد سُورتي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پيلي ڀيت ۾ مَدَرسةُ الحَدِيث جو بنياد رکيائون، ان موقعي تي مُحَدّث سُورتي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه مُلڪ جي وڏن وڏن عالم سڳورن کي دعوت ڏني، عَظِيمُ الشَّان اِجتِماع جو اهتمام ڪيو ويو، اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بہ تشريف فرما هئا. مُحَدّث سُورتي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي خِدمت ۾ بيان ڪرڻ جي درخواست پيش ڪئي، لهٰذا اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه اسٽيج تي آيا ۽ مُلڪ جي وڏن وڏن عالمن، مُحَدّث سڳورن، مُفَڪّرن جي مَوجُودگي ۾ عِلمِ حديث جي موضوع تي ٽن ڪلاڪن جو بيان فرمايو،

اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه عِلمِ حديث جي موضُوع تي زبردست علمي نكتا بيان فرمائي رهيا هئا ۽ انهن كي ٻڌي اِجتِماع ۾ موجود وڏا وڏا عالم سڀُورا حيران ٿي رهيا هئا، جڏهن اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بيان ختم كيو تہ مُحَدّث سهارنپوري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي پٺ هكدم بيهي اڳتي وڌي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي هٿن كي چمي ڏنائون.[1] ڄڻ تہ مُحدّث سهارنپوري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي شهزادي زبانِ حال سان اهو اعلان كيو تہ:

علمِ خَبر کی شاہی تم کو رضا مسَلّم جس سمت آ گئے ہو سکّے بٹھا دیئے ہیں

وضاحت: عِلمِ خبر يعني عِلمِ حديث. اهو داغ دهلوي جو شعر آهي، داغ دهلوي ملك سُخَن جي شاهي لكيو هو، موقعي جي مُنَاسبت سان هن ۾ تبديلي كئي وئي آهي.

## (2) اعليٰ حضرت ۽ حديثِ پاڪ جو مُطَالعو

اي عاشقانِ رسول! اها تہ هئي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي علمي ۽ فني اعتبار سان عِلمِ حديث ۾ مهارت، جو اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه علمي اعتبار سان، فني اعتبار سان اَمِيرُ المُؤمِنِين فِي الحَدِيث آهن ۽ اهو خطاب اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه كي ان دَور جي ماهر مُحَدّث سڀُورن ڏنو هو. هاڻي اچو! اهو ڏسون ٿا تہ حديث پڙهڻ، حديثن كي ياد كرڻ ۽ بين تائين پهچائڻ جي معاملي ۾ اعليٰ حضرت رَحْمَةُاللهِعَلَيْه جو انداز ڇا هو؟

## اعليٰ حضرت حديثِ پاڪ جا كيترا كتاب پڙهيا هئا؟

هڪ پيري سيدي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه كان پڇيو ويو: اوهان حديثِ پاڪ جا كهڙا كهڙا كتاب پڙهيا يا پڙهايا آهن؟ ان جو جواب ڏيندي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پهريان عِلمِ حديث جي كجھ كتابن جا نالا ورتا مثال طور **بُخاري**،

[1]…جامع الاحاديث، جلد:1، صفحہ:407تا408۔

**مُسلِم، اَبُودَاؤد، تِرمَذِي، نِسَائِي، اِبنِ مَاجَه** هيئن 31 ڪتابن جا نالا ٻڌائڻ کان بعد فرمايائون: (اهي ۽ ان سميت) عِلمِ حديث جا 50 کان وڌيڪ ڪتاب منهنجي دَرس و تَدرِيس ۽ مُطَالعي ۾ رهن ٿا.[1]

سُبحٰنَ الله! 50 کان وڌيڪ ڪتاب اعليٰ حضرت رَحمَةُ اللهِ عَلَيه جي دَرس و تَدرِيس ۽ مُطَالعي ۾ رهن ٿا. بظاهر شايد مَحسُوس ٿي رهيو هجي ته ”صِرف 50 ڪتاب...!“ جيڪر هنن ڪتابن بابت تفصيل ۾ وڃون ته اهي ”صِرف“ نه آهن، 50 ڪتابن جو مطلب آهي: هزارين صفحا ۽ لکين حديثون. انهن مان صِرف

❖ **بُخَاري شريف جا صفحا**: 1 هزار 823 آهن ۽ ان ۾ حديثون: 7 هزار 563 آهن ❖ **مسلم شريف جا صفحا** 1 هزار 157 آهن، هن ۾ حديثون 3 هزار 33 آهن ❖ **ابوداؤد جا صفحا** 820، ۽ حديثون 5 هزار 273 آهن ❖ **ترمذي جا صفحا** 884 ۽ **حديثن جو تعداد**:3 هزار 958 ❖ **نسائي جا صفحا** 905، **حديثن جو تعداد** 5 هزار 769 ❖ **ابنِ ماجه**: صفحا: 705، حديثن جو تعداد: 4 هزار 341.

اهڙي طرح انهن 50 ڪتابن مان صِرف 20 ڪتابن جا جلد، انهن جا صفحا ۽ انهن ۾ ذِڪر ڪيل حديثن جو تعداد ڏٺو ويو ته اهو ٽوٽل: 49 جلد ٻڻيا، انهن جا ٽوٽل صفحا: 29 هزار 903 هئا ۽ انهن ۾ ڪل حديثون 1 لک 34 هزار 811 آهن.

اهو اجا حديثِ پاڪ جي صرف 20 ڪتابن جو تفصيل آهي ۽ اعليٰ حضرت رَحمَةُ اللهِ عَلَيه جي مطالعي ۾ ڪيترا ڪتاب رهن ٿا؟ 50 کان وڌيڪ ڪتاب. جيڪر هنن سيني ڪتابن جي تفصيل تي نگاهه وڌي وڃي ته اندازو ڪيو! اهي ڪيترا هزار صفحا ٿيندا، ڪيترا لک حديثون هونديون جيڪي اعليٰ حضرت رَحمَةُ اللهِ عَلَيه جي دَرس و تَدرِيس ۾ شامِل هيون.

پوءِ هتي اهو مدني گل به ذهن ۾ رکڻ لائق آهي ته اعليٰ حضرت رَحمَةُ اللهِ عَلَيه جيئن ته هڪ سُوال جو جواب ڏئي رهيا هئا، ان ڪري مختصر طور فرمايائون:

[1]...اظہارالحق الجلی، صفحہ:40۔

50 ڪان وڌيڪ ڪتاب. ان وڌيڪ مان ڇا مراد آهي؟ 55 ڪتاب، 60 ڪتاب، 70 ڪتاب، 50 ڪان وڌيڪ ڪيترا ڪتاب؟ هن باري ۾ تحقيق ڪئي وئي، بعض عاشقانِ اعليٰ حضرت عالم سڳورن 8 سال محنت ڪئي، اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جا لکيل 350 ڪتاب گڏ ڪيا، انهن کي پڙهيو، انهن 350 ڪتابن ۾ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جيتريون حديثون نقل ڪيون آهن انهن حديثن کي جدا ڪيو ويو تہ اهي ڪل 10 هزار حديثون هيون، پوءِ انهن حديثن کي حديثِ پاڪ جي اَصل ڪتابن ۾ ڳوليو ويو تہ خبر پئي تہ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه انهن 350 ڪتابن ۾ جيڪي حديثون بيان ڪيون آهن اهي حديثِ پاڪ جي 400 ڪتابن مان ورتيون ويون آهن يعني هن تحقيق مان معلوم ٿيو تہ حديثِ پاڪ جا 400 ڪتاب اهي آهن جيڪي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي نظر ۾ رهندا هئا، اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه انهن کي ڏسندا هئا، انهن مان حديثون پڙهندا هئا، ۽ تحرير لکڻ دوران نقل ڪندا هئا.

پوءِ اهو بہ خيال رهي تہ اها تحقيق جيڪا ڪئي وئي آهي، اها اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي صِرف 350 ڪتابن تي ڪئي وئي آهي جڏهن تہ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جا لکيل ڪتاب 1000 ڪان وڌيڪ آهن، جيڪڏهن انهن سمورن ڪتابن مان حديثون گڏ ڪيون وڃن تہ اندازو لڳايو تہ حديث پاڪ جو ڪيترو وڏو ذخيرو گڏ ٿي ويندو.

اهو آهي سيدي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو حديثِ پاڪ سان لڳاءُ، حديثون پڙهڻ جو شوق و ذوق. پوءِ ان سان گڏوگڏ ڪمال ڏسو! عِلمِ حديث هڪ عِلم آهي، اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه صِرف عِلمِ حديث جا ماهر نہ آهن بلڪ 100 ڪان وڌيڪ عُلُوم ۾ پاڻ ڪامل مهارت رکندا هئا يعني اهو ايترو مطالعو صِرف هڪ عِلم جي حوالي سان آهي تہ سؤ ڪان وڌيڪ عُلُوم ۾ هر عِلم جي حوالي سان اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪيترو مطالعو ڪندا هوندا؟ ڪيترا ڪتاب پڙهندا هوندا؟

پوءِ ان سان گڏوگڏ تحريري ڪم بہ آهن، فتوائون بہ لکيون وينديون هيون، اعليٰ حضرت پيرِ ڪامِل بہ آهن، مُرِيد بہ حاضِر ٿيندا هوندا، انهن جي تربيت بہ ڪئي ويندي هوندي، اعليٰ حضرت استاد بہ هئا، مدرسي ۾ پڙهائيندا بہ هئا، اُمَّت جا مسئلا بہ حل ڪندا هئا، انهن تمام مَصرُوفيات جي باوُجُود اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جيترو مطالعو ڪندا هئا، اهو سڀ ڏسي عقل دَنگ رهجي ويندو آهي ۽ حيران ٿي چوندو آهي:

بریلی کی زمین پر نہ پیدا ہوتا وہ اگر بھٹکتے ہم اِدھر اُدھر، ذلیل ہوتے دَر بہ دَر

خُدا کا ہو گیا کرم، کرم نے رکھ لیا بھرم ہمارے بیچ آگیا، مرا رضا مرا رضا

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ۽ تبليغ حديث

پيارا اسلامي ڀائرو! اهو هو اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جو حديثِ پاڪ سان لڳاءُ، حديثون پڙهڻ جو شوق و ذوق. بيشڪ حديثون پڙهڻ، انهن کي سمجهڻ وڏي ڪمال جي ڳالهہ آهي، پوءِ ان کان بہ وڏو ڪمال آهي: حديثن کي ياد رکڻ، انهن کي بين تائين پهچائڻ. الحمد لله! اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه حديثون پڙهندا بہ هئا، انهن کي ياد بہ رکندا هئا ۽ بين تائين پهچائيندا بہ هئا. سندن مبارڪ عادت هئي تہ پنهنجي گفتگو ۾ حديثون پڙهندا هئا، جيڪا ڳالهہ ڪندا هئا ان کي قرآني آيتن يا حديثن مان ثابت ڪندا هئا، ڪائنس سُوال ٿيندو هو تہ ان جي جواب ۾ ڪثرت سان حديثون بيان ڪندا هئا، انهن حديثن جي معني بيان ڪندا هئا، حديثن جي شَرح بيان ڪندا هئا.

❖ اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه کان سوال ٿيو: سجدهءِ تعظيمي (يعني ڪنهن کي خُدا سمجهي نہ بلڪ ان کي ٻانهو سمجهي صِرف ان جي تعظيم جي لاءِ، ان کي

سجدو ڪرڻ) جائز آهي يا نہ؟ اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه قرآني آيتن ۽ 40 حديثن جي روشني ۾ ثابت ڪيو تہ غيرِ خُدا جي تعظيم جي لاءِ سجدو ڪرڻ اڳوڻين شريعتن ۾ جائز هو، اسان جي شريعت ۾ حرام آهي ❖ اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه کان سُوال ٿيو: ماڻهو چوَن ٿا: پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي دَافِعُ البَلَا (يعني مصيبت پري ڪندڙ) چوڻ شِرڪ آهي؟ اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه ان جي جواب ۾ 300 حديثون ذِڪر ڪري ٻڌايو تہ الحمد لله! اسان جا آقا، الله پاڪ جي عطا سان دافِعِ رنج و بلا آهن ❖ اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي خدمت ۾ سُوال ٿيو: ڪي ماڻهو چوندا آهن: رسولِ اڪرم، نُورِ مجسم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جيڪر سمورن نبين کان افضل آهن تہ هن بابت قرآن و حديث مان دليل ڏيکاريو؟ اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه ان سُوال جو ايمان افروز جواب لکي 100 حديثن مان ثابت ڪيائون تہ الله پاڪ جي فضل سان اسان جا آقا، سمورن نبين جا سردار آهن.

ملائڪن جي پيدائش ڪيئن ٿيندي آهي؟ هن موضوع تي گفتگو ڪندي اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه 24 حديثون بيان ڪيون، اسان جا آقا و موليٰ، محمد مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ قيامت جي ڏينهن شفاعت ڪندا، هن موضوع تي گفتگو ڪندي 40 حديثون بيان ڪيون، ڏاڙهي جي ضرورت ۽ اهميت تي 56 حديثون، والدين جي حُقُوق بابت 91 حديثون، اهڙي طرح ٻين ڪيئي موضوعن تي اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه سوين حديثون بيان ڪيون آهن، انهن حديثن مان مسئلا بيان ڪيا آهن، انهن حديثن جي معني بيان ڪئي، رڳو اهو نہ تہ اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه صِرف حديث بيان ڪن ٿا، بلڪ پاڻ جڏهن بہ حديثِ پاڪ نقل ڪن ٿا، ان حديثِ پاڪ جو حوالو بہ لکن ٿا، جڏهن اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي ڪتابن مان حديثون گڏ ڪيون ويون تہ خبر پئي تہ اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه 350 ڪتابن ۾ تقريبًا 10 هزار حديثون نقل ڪيون آهن.(1)

---

[1]...فيضانِ اعليٰ حضرت، صفحہ:485تا487، ملتقطاً۔

علم میں بحرِ رواں احمد رضا خاں قادری دین میں گوہرِ فشاں احمد رضا خاں قادری
تیرا علم و فضل شان و شوکت و جاہ و حشم شش جہت پر ہے عیاں احمد رضا خاں قادری
ہے عرب کے عالِموں کا مدح خواں سارا جہاں اور وہ تیرے مدح خواں احمد رضا خاں قادری

**وضاحت:** اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان عِلم جا تمام وڏا سمند آهن، پاڻ عِلمِ دِين جا ناياب موتي ورهائن ٿا، سندن عِلم، سندن فضيلت، سندن شان و شوڪت هر پاسي واضِح ۽ نمايان آهي، عرب شريف جا عاشقانِ رسول عالم سڳورا جن جي سڄو جهان واکاڻ ڪري ٿو اهي بہ اسان جي آقا اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي واکاڻ ڪن ٿا.

## (3): اعليٰ حضرت ۽ حديثن تي عمل جو انداز

**پيارا اسلامي ڀائرو!** غور فرمايو! اسان جي آقا اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه عِلمِ حديث ۾ ڪيتري اعليٰ مهارت رکندا هئا، حديثون پڙهڻ، ياد ڪرڻ، ياد رکڻ ۽ بين تائين پهچائڻ جو ڪيترو شوق رکندا هئا. اللّٰه پاڪ اسان کي بہ فيضانِ اعليٰ حضرت نصيب فرمائي. آمين بجاه النبي الامين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

هاڻي اچو! اهو ٻڌون ٿا تہ حديثن تي عمل ڪرڻ جي مُعَاملي ۾ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو انداز ڪهڙو هو؟

## برسات ۾ ڪعبي جو طواف

سيدي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ٻئين ڀيري جڏهن حج جي لاءِ مڪ مڪرمہ حاضِر ٿيا تہ اتي پاڻ سخت بيمار ٿي پيا، ڪيئي ڏينهن تائين طبيعت ناساز رهي، مُحَرَّمُ الحرام جي آخري ڏينهن ۾ طبيعت بهتر ٿي، پاڻ غُسل ڪيائون، جڏهن غسل خاني مان ٻاهر نڪتا تہ ڏٺائون: آسمان تي ڪڪر آهن، پاڻ جلدي

حرمِ پاڪ ۾ حاضِر ٿيا، مَسجِدُ الحرام شريف تائين پهچندي پهچندي برسات شروع ٿي چڪي هئي، اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مون کي حديثِ پاڪ ياد آئي ته ”جيڪو برسات ۾ طواف ڪري، اهو رحمتِ اِلٰهي ۾ ترندو آهي.“

بَس پنهنجي آقا و موليٰ، محبوبِ خُدا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو اهو مبارڪ فرمان ياد آيو ته اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي دِل خوش ٿي وئي، حديثِ پاڪ ۾ بيان ڪيل فضيلت حاصِل ڪرڻ جي لاءِ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه هڪدم حجرِ اَسود وٽ حاضِر ٿي حجرِ اَسوَد کي چمي ڏنائون ۽ برسات ئي ۾ طواف ڪرڻ شروع ڪري ڏنو.

اللّٰه اَڪبَر! تصور ڪيو! برسات ٿي رهي آهي، وقت جا امام، سچا عاشقِ رسول، اللّٰه پاڪ جي محبت سان سر شار دل ڪٽي، وڏي شوق و ذوق سان خانہ ڪعبہ شريف جي چوڌاري چڪر لڳائي رهيا هجن...! سيدي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه طواف جا 7 چڪر پُورا ڪيا ۽ رهائش گاهہ تي موٽي آيا.

اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي طبيعت ته پهريان کان ئي ناساز هئي، بُخَار مان آرام آيو ئي هو جو پاڻ حديثِ پاڪ تي عمل ڪرڻ جي لاءِ برسات ۾ طواف ڪري ورتو، ان ڪري وري بُخَار ٿي پيو. مڪ مڪرمہ جا جيڪي عاشقانِ رسول عالم هئا، اهي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه سان گهڻي عقيدت رکندا هئا، جڏهن اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه کي بيهر بُخَار ٿيو ته انهن کي صدمو ٿيو، هڪ عاشقِ رسول عالِمِ دين ڏُک وچان چيائين: هڪ ضعيف حديث تي عمل جي لاءِ اوهان پنهنجي بدن جي اها بي احتياطي ڪئي؟

حديثِ ضعيف مُحَدّث سڳورن جي هڪ اِصطلاح آهي، ضعيف حديث بہ فرمانِ مصطفيٰ ئي آهيَ پر ان کي روايت ڪرڻ وارن راوين ۾ ڪجهہ شرطن جي ڪمي هوندي آهي. خير! اُن عالِم صاحب چيائين ته برسات ۾ طواف جي فضيلت واري حديث ضعيف آهي ۽ اوهان ان ضعيف حديث تي عمل ڪرڻ جي لاءِ پنهنجي طبيعت جو خيال نہ ڪيو؟ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جيڪو جواب ارشاد

فرمايو، ان کي دِل جي ڪنن سان ٻڌو! فرمايائون: حديث ضعيف آهي پر الحمد لله ! اُمّيد قَوِي (يعني پختہ) آهي.[1]

مطلب اهو تہ حديث ضعيف آهي تہ ان جو اهو ئي مطلب آهي تہ حديث جي راوي ۾ شرط پُورا نہ آهن پر هي آهي تہ فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ئي ۽ مون فرمانِ مصطفيٰ تي ئي عَمَل ڪيو، مون کي الله پاڪ جي رحمت مان پڪي اميد آهي تہ الله پاڪ منهنجي نيت جو اَجر مون کي ضرور عطا ڪندو.

جس کے جلوے سے اُحُد ہے تاباں، معْدَنِ نُور ہے اس کا داماں
ہم بھی اس چاند پہ ہو کر قرباں، دِلِ سنگیں کی جِلا کرتے ہیں

**وضاحت**: اسان جا پيارا پيارا، نُور وارا آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ اهي آهن جن جي جلوئن سان اُحُد چمڪڻ لڳو بلڪ اُحُد نُور جي کاڻ بڻجي ويو، اسان بہ ان نُور واري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي قربان ٿي پنهنجي دِل کي نُور بڻايون ٿا.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مصيبت زده کي ڏسي پڙهڻ جي دُعا

1300 هجري جي ڳالهہ آهي، اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي عمر مبارڪ ان وقت 27 سال ۽ ڪجهہ مهينا هئي، گرمي جو موسم هو، اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي ڪنهن علمي تحقيق جي لاءِ سَنهن اکرن ۾ لکيل ڪتابَ لاڳيتو ڏسڻا پيا، ان مسلسل محنت جي ڪري اکين تي ڪجهہ اَثر ٿيو، هڪ ڏينهن اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه علمي ڪم ۾ مَصرُوف هئا، منجهند مهل ڪين گرمي محسوس ٿي تہ پاڻ غسل ڪيائون، جيئن ئي مٿي تي پاڻي وڌو تہ هيئن لڳو جيئن مٿي مان ڪا

[1]…ملفوظاتِ اعلیٰ حضرت، صفحہ:209، خلاصۃً۔

شيء لهي اک ۾ اچي وئي آهي.

بعد ۾ هڪ ماهر ڊاڪٽر کي اک ڏيکاريائون، ڊاڪٽر صاحب غور سان مُعَائنو (Inspection) ڪري چيائين: ڪثرت سان ڪتاب ڏسڻ جي ڪري خشڪي اچي وئي آهي، 15 ڏينهن تائين ڪتاب نه پڙهو. هاڻي اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جهڙي شخصيت، سڄي دُنيا مان مسلمان دِيني مسئلن جو حل پڇندا هئا، فتوائون پڇندا هئا، ڊاڪٽر صاحب 15 ڏينهن ڪتاب نه پڙهڻ جو چئي رهيو آهي، اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه ته 15 منٽ به ڪتاب نه ڇڏي سگهندا هئا. خير! هڪ حڪيم صاحب مُعَائنو ڪيائين، ان چيو: نُزُولِ آب (يعني پاڻي لهڻ) جا آثار آهن، الله نه ڪري 20 سال بعد پاڻي اچي ويندو (يعني موتيا جي مرض جي ڪري نظر هلي ويندي).

بظاهر اها سخت پريشاني جي ڳالهه هئي، ڪتاب ڇڏڻ مشڪل هو، تحريري ڪم ڪرڻو ئي ڪرڻو هو نه ته اُمَّت جي دِيني رهنمائي ڪير ڪندو؟ ۽ جيڪڏهن خدانخواسته نظر ۾ مسئلو ٿي ويو ته اها به وڏي تڪليف آهي.

الله اَڪبَر! مشڪل وقت هڪ سچي عاشِقِ رسول جي توجه ڪنهن ڏانهن ٿيندي آهي؟ سُبحٰنَ الله! دُنيا ۾ هڪ ئي ته دامنِ رحمت آهي جتي غُلام پناه وٺندا آهن:

میں بیکس ہوں میں بے بس ہوں مگر کس کا تمہارا ہوں  تَہِ دامن مجھے لے لو پناہِ بے کساں تم ہو [1]

عاشقن جي امام اعليٰ حضرت امام اهلسنت رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه به دامنِ مصطفيٰ ۾ پناه ورتي، هڪ حديثِ پاڪ ذِهن ۾ آئي ته جيڪو بانهو مصيبت زده کي ڏسي هي دُعا پڙهي:

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِیْ عَافَانِیْ مِمَّا ابْتَلَاكَ بِهٖ وَ فَضَّلَنِیْ عَلٰی كَثِیْرٍ مِّمَّنْ خَلَقَ تَفْضِیْلاً

---

[1] ...سامانِ بخشش، صفحہ:159۔

پڙهڻ وارو ان مصيبت کان محفوظ رهندو، اعليٰ حضرت امامِ اهلسنت رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَيۡہ موتيا جي بيماري واري هڪ شخص کي ڏسي اها دُعا پڙهي ورتي ۽ دِل سان مطمئن ٿي ويا.

ان واقعي کي 16 سال گذري ويا، 16 سال بعد هڪ ماهر ڊاڪٽر جي سامهون ان ڳالھ جو ذِڪر ٿيو، ان بہ اک جو مُعَائنو (Inspection) ڪيو ۽ پُوري اعتماد سان چيو: 4 سال بعد واقعي اک ۾ پاڻي لهي ايندو. پر قربان وڃجي! اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَيۡہ فرمائن ٿا: مون کي منهنجي محبوب آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي ارشاد تي ايترو ڪچو اعتماد ناهي جو طبيبن (ڊاڪٽرن) جي چوڻ سان معاذ اللّٰه منهنجو يقين ڪمزور ٿي پوي. الحمد للّٰه! 20 سال تہ ڇا هاڻي 30 سال کان بہ وڌيڪ عرصو گذري چُڪو آهي، نہ مون ڪتاب پڙهڻ ۾ ڪڏهن ڪمي ڪئي، نہ اک ۾ ڪا تڪليف ٿي.[1]

اپنے دِل کا ہے اُنہی سے آرام، سونپے ہیں اپنے انہی کو سب کام
لو لگی ہے کہ اب اُس در کے غُلام چارۂ دَردِ رضا کرتے ہیں

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

**پيارا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو اوهان اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنت شاھ امام احمد رضا خان رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَيۡہ جو پنهنجي آقا و موليٰ، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي فرمانن تي ڪيترو پختو يقين هو. اللّٰه پاڪ اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَيۡہ جي صدقي اسان کي بہ پختو يقين نصيب فرمائي. آمين بجاه النبي الامين صَلَّی اللّٰہُ عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ .

---

[1]...ملفوظاتِ اعلیٰ حضرت، صفحہ:70تا71، خلاصۃً۔

## سيرتِ رضا مان حاصل ٿيندڙ 2 اهم مدني گل

اي عاشقانِ رسول! اسان اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي سيرتِ پاڪ جا بعض پهلو پڙهڻ جي سعادت حاصِل ڪئي، اڄ جي بيان ۾ بالخصوص 2 مدني گل اسان کي سکڻ لاءِ مليا:

(1): حديثون پڙهڻ، ياد ڪرڻ ۽ سمجهڻ جو شوق.

(2):فرامينِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي ڪامِل يقين رکڻ.

## دل ۾ حديث سڳوريون پڙهڻ جو شوق پيدا ڪيو!

ٿورو غور ڪيو! حديثِ پاڪ آهي ڇا؟ اسان جي آقا، اسان جي نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو اسان ڪلمو پڙهيو آهي، جن سان اسان شفاعت جي اُمّيد رکون ٿا، جن جي صدقي دُنيا نهي، جن جي صدقي اسان دُنيا ۾ آياسين، جن جو صدقو اسان کايون ٿا، اسان جا اهي آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جيڪي الله پاڪ کان بعد سڀ کان بزرگ هستي آهن، اهي آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن کي سڀ کان وڌيڪ عِلم ڏنو ويو، اهي آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جيڪي مخلوق ۾ سڀ کان وڌيڪ عقل مند آهن، ان پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي پياري پياري فرمانن کي حديث چيو ويندو آهي (ها! ڪڏهن صحابہ ڪرام ۽ تابِعين رَضِيَ اللهُ عَنهم جي فرمان کي بہ حديث چيو ويندو آهي). هاڻي غور ڪيو! اسان مسلمان آهيون، اسان آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو ڪلمو پڙهون ٿا، ڇا اسان جو حق نٿو ٺئي؟ تہ اسان حُضُور، پُرنُور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي فرمانن کي پڙهون، انهن کي سمجهون، انهن تي عمل ڪيون. يقيناً اسان جو حق ٺئي ٿو. حديثون اسان جي آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مبارڪ زبان مان نڪرندڙ الفاظ آهن، حديثن جو هڪ هڪ لفظ عِلم و حڪمت جو سمندر آهي، ان لفظن ۾ قيامت تائين اچڻ وارن جي لاءِ روشني آهي، نُور آهي، هدايت آهي. مُفَسّرِ قرآن، حڪيم الامت، مفتي احمد يار

خان نعيمي رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَیۡه فرمائن ٿا: اسلام ۾ ڪلامُ الله (يعني قرآنِ ڪريم) کان بعد ڪلامِ رسول الله (يعني حديثِ پاڪ) جو درجو آهي. قرآنِ ڪريم جڻ سمندِ آهي، حديثِ پاڪ ان سمندِ جو جهاز آهي، قرآنِ ڪريم رُوحاني کاڌو آهي، حديثِ پاڪ رحمت جو پاڻي آهي، جهڙي طرح پاڻي جي بغير کاڌو تيار ناهي ٿيندو، اهڙي طرح حديثِ پاڪ جي بغير نہ قرآنِ ڪريم کي سمجهي سگهجي ٿو، نہ ان تي عمل ڪري سگهجي ٿو.[1] (مراة، جلد١،ص٣) اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰهُ عَلَیۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: تَرَكْتُ فِيْكُمْ اَمْرَيْن مان توهان جي وچ ۾ ٻہ شيون ڇڏي وڃان پيو لَنْ تَضِلُّوْ مَا تَمَسَّكْتُمْ بِهِمَا جيستائين توهان انهن ٻنهن کي پڪڙي رکندو، ڪڏهن گمراهہ نہ ٿيندو، (1): ڪتَابُ الله (الله پاڪ جو ڪتاب يعني قرآنِ ڪريم) (2): وَسُنَّةُنَبِيِّه (۽ الله جي نبي جي سُنّت يعني حديثِ پاڪ).[2] هڪ حديثِ پاڪ ۾ ارشاد فرمايائون: جنهن دِين بابت 40 حديثون سکيون، الله پاڪ قيامت جي ڏينهن ان کي عالمن ۽ فقيهن واري گروهہ ۾ اُٿاريندو.[3]

## هڪ حديث ٻڌڻ جي لاءِ سڄي سال جا روزا رکيا

افسوس! هاڻي حديثون پڙهڻ، ٻڌڻ جو شوق بلڪل گهٽ ٿيندو پيو وڃي. مَا شَآءَ الله! پهريان جي مسلمانن ۾ حديثون پڙهڻ جو، حديثون ٻڌڻ جو، حديثون ياد ڪرڻ جو ڪمال شوق هوندو هو، امام جلالُ الدين سيوطي شافعي رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَیۡه نقل فرمائن ٿا: حضرت ابو العباس مُستَغفِري رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَیۡه هڪ ڀيري مِصر ويا ۽ اتي جي مُحَدّث حضرت ابو حامِد مِصري رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَیۡه جي خِدمت ۾ حاضِر ٿيا، عرض ڪيائون: حُضُور! مون کي **حديثِ خالِد بن وليد** ٻڌايو. حضرت ابوحامِد مِصري

---

[1]... مرآة المناجيح، جلد:1، صفحه:3۔

[2]... جامع بيانُ العلم و فَضْلُہ، جلد:1، صفحه:606۔

[3]...جامع بيانُ العلم و فَضْلُہ، جلد:1، صفحه:195۔

رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايائون: پهريان هڪ سال جا روزا رکو.

الله! الله! اندازو لڳايو! حضرت ابوالعباس مُستَغفِرِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجو گهر بار ڇڏي، سَفَر ڪيو، اڄ جي دَور ۾ به سَفَر مشڪلاتن سان ڀرپور هوندو آهي، ان وقت ته ڪارون، جهاز وغيره به نه هوندا هئا، مشڪلاتن جي باوُجُود پاڻ مِصر پهتا، ڇو؟ صِرف هڪ حديثِ پاڪ ٻڌڻ لاءِ. پوءِ جڏهن اتي جي مُحَدّث صاحب رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي خِدمت ۾ حاضِر ٿيا، حديثِ پاڪ ٻڌائڻ جي درخواست پيش ڪئي ته انهن سڄي سال جا روزا رکڻ جو حڪم ڏنو، هاڻي ان بهانا نه ڪيا، دِل ۾ خدشات نه آندا ته مان ايتري پري ڪان آيو آهيان، گهر به وڃڻو آهي، ڪم ڪار به ڪرڻو آهي وغيره وغيره، ان ڪو بهانو نه ڪيو بلڪ صِرف هڪ حديثِ پاڪ ٻڌڻ جي لاءِ پاڻ سڄي سال جا روزا رکيا، پوءِ حاضِرِ خِدمت ٿيا، تڏهن حضرت ابو حامِد مصري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جن انهن کي اها حديثِ پاڪ ٻڌائي.[1]

اي عاشقانِ رسول! اسان کي به گهرجي ته اسان به حديث پڙهون، حديث ٻڌون، حديث سکون، انهن کي ياد ڪيون، حديث کي سمجهون ۽ ڪوشش ڪري ٻين تائين پهچائڻ جي به سَعَادَت حاصِل ڪيون پر ها! ياد رهي! حديثِ پاڪ کي دُرُست سمجهڻ ۽ ان مان مَسئلا ڪڍڻ ماهر ترين عالمن جو ڪم آهي، اسان کي بَس عاشقانِ رسول عالمن جي پويان پويان هلڻو آهي. اڄڪلهه بعض نادان پنهنجي ناقِص عقل سان قرآني آيتن ۽ حديثن جون وضاحتون ڪندا رهن ٿا، اها سخت نقصان ڏيندڙ ڳالهه آهي. حديثِ پاڪ ۾ آهي: مَنْ يَّقُلْ عَلَيَّ مَا لَمْ اَقُلْ فَلْيَتَبَوَّأْ مَقْعَدَهٗ مِنَ النَّار جنهن منهنجي طرف اها ڳالهه منسوب ڪئي جيڪا مون نه چئي هجي، اهو پنهنجو نڪاڻو جهنّم ۾ ٺاهي وٺي.[2]

---

[1] ...جامع الاحاديث، جلد:19، صفحہ:405، حديث:14922، ملتقطاً۔

[2] ...بخاری، کتابُ العلم، صفحہ:102، حديث:109۔

## حديث پڙهڻ سمجهڻ جا آسان ذريعا

❖ الحمد لله! دعوتِ اسلامي شهر شهر ۾ جامعات المدينہ قائم ڪيا آهن، وقت ڪيو! درسِ نظامي يعني عالِم ڪورس ۾ داخلو وٺو! ❖ فيضان آن لائن اڪيڊمي جي ذريعي آن لائن دَرسِ نظامي ڪري وٺو ❖ الحمد لله! دعوتِ اسلامي جي علمي و تحقيقي شعبي اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيہ (اسلامڪ ريسرچ سنٽر) حديثِ پاڪ جا ڪوڙ سارا اُردو ڪتاب تيار ڪيا آهن ❖ اها حديثِ پاڪ جنهن جي لاءِ حضرت ابوالعباس مُستَغفِرِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هڪ سال روزا رکيا، ان حديثِ پاڪ ۽ ان جي تفصيلي وضاحت تي مشتمل مڪتبة المدينہ جو رسالو آهي: اعرابي جا سوال ۽ عربي آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا جواب ❖ اهڙي طرح مڪتبة المدينہ جو ڪتاب آهي: فيضانِ رِياضُ الصَّالحين. هن ۾ 1هزار 8 سو 96 حديثون آهن، هنن حديثن جي آسان ترجمي ۽ تشريح تي ڪم جاري آهي، هن جا 6 جلد اچي چڪا آهن ❖ مڪتبة المدينہ جو هڪ ڪتاب آهي: اَنوَارُ الحديث ❖ اهڙي طرح 40 فرامينِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ مختصر رسالو آهي ❖ شيخ طريقت امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو هڪ نئون رسالو انهيءَ سال مُحَرَّم الحَرَام ۾ آيو: فيضانِ اهلِ بيت. هن ۾ اهل بيتِ اطهار جي شان ۾ 40 حديثون گڏ ڪيون ويون آهن. ❖ اهڙي طرح امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو هڪ رسالو آهي: هر صحابيِ نبي، جنتي جنتي، هن ۾ صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جي شان و عظمت تي 40 حديثون بيان ڪيون ويون آهن. ان جي عِلاوه حديثِ پاڪ جا بيا بہ ڪافِي ڪتاب آهن.

دعوتِ اسلامي جي آئي، ٽي ڊپارٽمنٽ جي هڪ موبائل ايپلي ڪيشن آهي: Islamic Ebook Library هن ۾ مڪتبة المدينہ جا سمورا ڪتاب موجود آهن، هن ايپلي ڪيشن جي ذريعي ڪتاب پڙهي بہ سگهجن ٿا ۽ ڊاؤن لوڊ بہ ڪري سگهجن ٿا. اها موبائل ايپلي ڪيشن انسٽال ڪريو، پاڻ بہ فائدو ڪٽو، ٻين ڪي بہ ترغيب ڏياريو.

مطلب تہ: اڄڪلھ حديثون پڙھڻ، سمجھڻ جا ڪوڙ سارا ذريعا موجود آھن، جيڪڏھن اسان ذِھن بڻايون تہ ڪوڙ راھون نڪري سگھن ٿيون. بَس دِل ۾ شوق پيدا ڪرڻ جي ضرورت آھي. حديثِ پاڪ ۾ آھي، اسان جي آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايائون: الله پاڪ ان شخص کي تر و تازه رکي، جيڪو منھنجي حديث ٻُڌي، ان کي ياد ڪري ۽ ٻين تائين پھچائي.[1]

حضرت زڪريا بِن عدّي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: حضرت عبد الله بن مبارَڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي وفات کان بعد مون انھن کي خواب ۾ ڏسي پڇيو: مَافَعَلَ اللّٰهُ بِكَ الله پاڪ اوھان سان ڪھڙو معاملو فرمايو؟ ان جواب ڏنو: حديث جي طلب لاءِ سَفر سبب الله پاڪ منھنجي بخشش ڪري ڇڏي.[2]

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## فرامينِ مصطفيٰ تي يقين رکڻ ايمان جي جان آھي

**پيارا اسلامي ڀائرو!** ٻيو مدني گل جيڪو اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي سيرتِ پاڪ مان سکڻ لاءِ مليو، اھو آھي: فرامينِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي ڪامِل ڀروسو رکڻ.

اھو تہ اسان جي ايمان جي تقاضا آھي بلڪ اَصل ايمان ئي اھو ئي آھي. حڪيم الاُمَّت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ايمان جي حقيقت آھي: **الله** ۽ رسول تي اعتماد ھئڻ. مزيد فرمائن ٿا: سچ پڇو تہ ايمان جي جان تہ ھي آھي جو رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي خبر تي پنھنجي حواسن (اک، ڪن، عقل وغيره) کان وڌيڪ اعتماد ھجي، جيڪڏھن اسان اکين سان ڏسي رھيا آھيون تہ

---

1...ابوداؤد، كتاب:العلم، باب:فضل نشر العلم، صفحہ:580، حديث:3660۔

2...تاريخ مدينہ دمشق، جلد:32، صفحہ:484۔

هن وقت ڏينهن آهي ۽ نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمائن ٿا تہ هن وقت رات آهي تہ اسان جي اک ڪوڙي آهي ۽ نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ سچا آهن. اسان جي اک هزار دفعہ غلطي ڪندي آهي پر آقا جو فرمان ڪڏهن غلط ناهي ٿيندو.

عِلمِ حديث جا تمام وڏا امام، امام نَوَوِي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه هڪ ڀيري دمشق جي هڪ وڏي مُحَدِّث صاحب جي خدمت ۾ حاضِر ٿيا ۽ انهن کان حديثون سکڻ لڳا، اهي محدّث صاحب منهن تي ڪپڙو رکي پڙهائيندا هئا، امام نَوَوِي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ڪافِي عرصو ان وٽ پڙهندو رهيو، هڪ ڏينهن ان امام نووي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي سامهون پنهنجي چهري تان ڪپڙو هٽائي ڇڏيو، ڏسن ٿا تہ ان جو منهن گڏھ جهڙو آهي. ان مُحَدِّث صاحب امام نَوَوِي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه کي نصيحت ڪندي ٻڌايو: مون حديثِ پاڪ پڙهي تہ "جيڪو شخص امام کان پهريان متو ڪٽي ٿو، ڇا ان کان نٿو ڊڄي تہ اللّٰه پاڪ ان جو متو گڏھ جهڙو ڪري ڇڏي."[1] مُحَدِّث صاحب فرمائن ٿا: اها حديثِ پاڪ منهنجي عقل ۾ نہ آئي، مان ڄاڻي واڻيءَ امام کان سَبَقت ڪئي (يعني رڪوع ۽ سجدي ۾ امام کان پهريان متو ڪٽندو هئس) تہ منهنجو منهن اهڙو ٿي ويو جهڙو توهان ڏسي رهيا آهيو.[2]

اللّٰه پاڪ اسان کي ڪامِل ايمان نصيب فرمائي، حديثون پڙهڻ، ٻڌڻ، سکڻ، سمجهڻ جو شوق عطا فرمائي ۽ حديثِ پاڪ تي ڪامِل يقين رکڻ جي بہ توفيق عطا فرمائي. آمين بجاه النبي الامين صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ .

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: مدني مذاڪرو

پيارا اسلامي ڀائرو! فيضانِ اعليٰ حضرت ماڻڻ، عِلمِ دين سکڻ، عَمَل جو

---

1 ...مسلم، كتاب:الصلاة، باب:النهي عن سبق الامام، صفحہ:167، حديث:427۔

2 ...بہارِ شريعت، جلد:1، صفحہ:560، حصہ:3۔

جذبو بيدار ڪرڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو، 12 ديني ڪمن ۾ خُوب وڌ کان وڌ حِصو وٺو! اِن شَآءَ الله الڪرِيم! دِين و دُنيا جون ڪوڙ ساريون ڀلائيون نصيب ٿينديون. دعوتِ اسلامي جي 12 ديني ڪمن مان هڪ ڪم آهي: مدني مذاڪرو.

الحمد لله! شيخ طريقت، امير اهلسنت دَامَت بَرَكَاتُهُمُ العَالِيه هر ڇنڇر بعد نماز عِشَاء مدني چينل تي براه راست (Live) مدني مذاڪرو فرمائيندا آهن يعني عاشقانِ رسول جي سُوالن جا جواب ڏيندا آهن. اوهان بہ مدني مذاڪري ۾ ضرور شرڪت ڪيو.

## اسلام جي حقانيت ظاهر ٿي پئي

ڪراچي (پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀاءُ مدني مذاڪري جي حوالي سان پنهنجي تاثرات ڏيندي چيو: مان پهريان غير مسلم هئس، هڪ ڀيري رمضان المبارڪ ۾ مون ڪي امير اهلسنت دَامَت بَرَكَاتُهُمُ العَالِيه جا مدني مذاڪرا ڏسڻ، ٻڌڻ جي سعادت ملي، الحمد لله! مدني مذاڪرن جي برڪت سان اسلام جي حقانيت منهنجي دِل و دماغ ۾ سمائجي وئي، نيٺ مون اسلام قبول ڪري ورتو.

امیر اہلسنت آپ کی ہمت کا کیا کہنا　　جو بد کو نیک کر دیتی ہے اس دعوت کا کیا کہنا
جو صحبت میں تری آئے وہ عشقِ مصطفےٰ پائے　　میرے محسن تری مجلس، تری صحبت کا کیا کہنا

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب!　　صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي سُنّت جي فضيلت ۽ چند آدابِ زندگي بيان ڪرڻ جي سَعَادت حاصِل ڪيان ٿو. هڪ ڏينهن تاجدارِ رسالت، شهنشاه نبوت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: مَن تَمَسَّكَ بِسُنَّتِي عِندَ فَسَادِ اُمَّتِي فَلَهُ اَجرُ مِائَةِ شَهِيدٍ يعني اُمت جي فساد جي وقت جيڪو شخص منهنجي سنت تي

مضبوطي سان عمل ڪندو ان کي سؤ شهيدن جو ثواب عطا ڪيو ويندو.[1]

هر کام شریعت کے مطابِق میں کروں کاش! یارب تو مبلغ مجھے سُنّت کا بنا دے[2]

## امت سان همدردي سُنَّتِ مصطفيٰ آهي

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: الله پاڪ مون کي ٽي سوال عطا فرمايا، مون ٻه پيرا (ته دنيا ۾) عرض ڪيو: ”اَللّٰهُمَّ اغْفِرْ لِاُمَّتِيْ اَللّٰهُمَّ اغْفِرْ لِاُمَّتِيْ“ اي الله! منهنجي اُمت جي بخشش فرما، اي الله! منهنجي اُمت جي بخشش فرما. ۽ ٽيون عرض ان ڏينهن (قيامت) جي لاءِ بچائي رکيو آهي.[3]

**اي عاشقانِ رسول!** امت سان همدردي سُنّتِ مصطفيٰ آهي ❖ جانِ ڪائنات بزمِ ڪائنات صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ولادتِ باسعادت جي وقت ٻه اسان امتين کي ياد فرمايو ❖ شبِ معراج ٻه الله پاڪ جي بارگاهه ۾ ياد رکيو ❖ وصال شريف کان بعد قبرِ انور ۾ لهندي ٻه مبارڪ چپن تي امت جي نجات وبخشش جون دعائون هيون ❖ آرام ده راتين ۾ جڏهن سڄو جهان آرام ڪري رهيو هوندو هو، پيارا پيارا آقا مڪي مدني مصطفٰي صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجو بستر مبارڪ ڇڏي الله پاڪ جي بارگاهه ۾ اسان گناهگارن جي لاءِ دعائون گهرندا هئا ❖ قيامت جي ڏينهن سخت گرمي جي عالم ۾ شديد اُڃ جي وقت الله پاڪ جي بارگاهه ۾ اسان جي لاءِ متو سجدي ۾ رکي امت جي بخشش جي عرض ڪندا ❖ امتين جي نيڪين جا پلڙا وزني ڪندا ❖ ڪٿي پل صراط تان سلامتي سان ٽُپائيندا ❖ ڪٿي حوضِ ڪوثر سان ڍئو ڪرائيندا ❖ ڪڏهن جهنم ۾ ڪرايل امتين کي ڪڍي رهيا هوندا ❖ ڪنهن جا درجات بلند ڪري رهيا هوندا ❖ پاڻ غمگين هوندا اسان کي

---

[1] …زُہد ڪبير، صفحه:118، حديث207۔

[2] … وسائل بخشش، صفحه:115۔

[3] …مسلم، ڪتاب :مسافروں کی نماز،صفحه:294، حديث:820۔

خوشيون عطا ڪندا ❖ پنهنجي نوراني لڙڪن سان امت جا گناه ڌوئيندا.[1]

پیشِ حق مژدہ شفاعت کا سُناتے جائیں گے آپ روتے جائیں گے ہم کو ہنساتے جائیں گے

**پيارا اسلامي ڀائرو!** اسان کي بہ گهرجي تہ اسان پنهنجي پياري آقا، مُحَمَّد مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي اُمّتين سان همدردي ڪيون، مسلمانن سان شفقت سان پيش اچون، انهن جي ڏُک دَرد ۾ ڪم اچون، انهن جي لاءِ دُعائون گهرون، انهن جي ڀلائي چاهيون، جيترو ٿي سگهي مسلمانن جي خير خواهي ڪيون، الله پاڪ اسان سڀني کي عمل جي توفيق عطا فرمائي. آمين بجاه النبي الامين صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ.

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

1... تفسير صراط الجنان،پاره:4، سورة آلِ عمران، جلد: 2، صفحه87۔

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## ﴿1﴾ جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ ۨالنَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِى الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن. (افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا)

## ﴿2﴾ سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا. (افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65)

## ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن. (القول البديع، الباب الثانی، ص277)

## ﴿4﴾ ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه کِن بُزرگن کان نقل کن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي. (افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149)

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي. (القول البديع، الباب الاول، ص125)

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَکَ یَوْمَ الْقِیَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي. (الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١)

## ﴿١﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَی اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ سترِ فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن. ( مجمع الزوائد،کتاب الادعية،باب فی کيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305)

## ﴿2﴾ جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِیْمُ الْکَرِیْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِیْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساکر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد